

لعل شهباز قلندر عثمان

مير هندي

سيد محمد جونپوري۔

1
قرآن ڪريم جي روشني ۾ حيات ۽ موت جو تصور

وما انت بمسمع من في القبور انك لا تسمع الموتي قرآن ڪريم هن آيت ذريعي انسان کي هڪ بنيادي حقيقت ڏانهن متوجه ڪري ٿو ته حيات ۽ موت جي وچ ۾ هڪ واضح حد ۽ فرق آهي جيئرا ۽ مردا ڪڏهن به برابر ناهن الله جنهن کي چاهي ٿو ٻڌڻ جي صلاحيت ڏئي ٿو پر جيڪي قبرن ۾ آهن انهن کي ٻڌائڻ ڪنهن جي وس کان ٻاهر آهي آيت جو ترجمو اهو آهي ته تون انهن کي نٿو ٻڌائي سگهين جيڪي قبرن ۾ آهن ۽ بيشڪ تون مردن کي نٿو ٻڌائي سگهين هن بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته ٻڌڻ صرف جسم جو عمل نه پر حيات سان جڙيل هڪ صفت آهي جڏهن حياتي ختم ٿي وڃي ٿي ته دنيا سان لاڳاپيل سڀ حواسي رابطا به ختم ٿي وڃن ٿا قرآن جو مفهوم هتي انتهائي واضح ۽ قطعي آهي ان ۾ نه تمثيل آهي نه تشبيه نه مجاز پر سڌي حقيقت بيان ڪئي وئي آهي قرآن جڏهن خطاب ڪري ٿو ته گهڻين آيتن ۾ مخاطب جو نالو صراحت سان نٿو آڻي پر عربي زبان جي قاعدي موجب فعل ۽ ضمير سان مخاطب کي سڃاتو وڃي ٿو هتي وما انت ۽ انك جا لفظ واحد مخاطب ڏانهن اشارو ڪن ٿا ۽ مفسرين جو اتفاق آهي ته اهڙي خطاب جو پهريون مخاطب رسول الله ﷺ جن آهن پر قرآن جو قانون اهو آهي ته نبي سان خطاب ڪيل حڪم امت لاءِ عام اصول ۽ قانون بڻجي ويندو آهي جڏهن الله نبي ﷺ کي فرمائي ٿو ته تون قبرن وارن کي نٿو ٻڌائي سگهين ته پوءِ ان مان اهو نتيجو صاف نڪري ٿو ته نبي کان سواءِ ٻيو ڪو به انسان اهو اختيار نٿو رکي سگهي چو ته نبي ﷺ سڀني انسانن کان افضل آهن قرآن جي ٻين آيتن ۾ به ساڳي ڳالهه مختلف انداز ۾ بيان ڪئي وئي آهي جيئن انك لا تسمع الموتي ولا تسمع الصم الدعاء اذا ولوا مدبرين

يعني بيشڪ تون مردن کي نٿو ٻڌائي سگهين ۽ نه ٻوڙن کي جڏهن اهي پٺ ڦيرائي وڃن هن آيت ۾ به ٻڌڻ جي نفي صاف لفظن ۾ ڪئي وئي آهي مقصد اهو سمجهائڻ آهي ته هدايت ٻڌڻ دل جي حيات سان به جڙيل آهي جيڪو دل جي مردگي موت ۾ مبتلا هجي پلي جيئرو هجي پر دل مردا هجي يا جسماني طور فوت ٿي چڪو هجي اهو ٻڌڻ جي صلاحيت نٿو رکي هن قرآني اصول کي نظر ۾ رکندي قبرن سان لاڳاپيل عقيدن جو جائزو وٺڻ لازمي ٿي پوي ٿو برصغير سنڌ هند ۾ خاص طور تي اهو تصور عام ڪيو ويو آهي ته فلاڻو بزرگ يا ولي وفات ڪان پوءِ به ماڻهن جون ٻاسون سڪائون اميدون فرياد ٻڌي ٿو فريادون قبول ڪري ٿو مشڪلاتون حل ڪري ٿو ۽ اولاد رزق يا شفا ڏئي ٿو جڏهن ته قرآن جو فيصلو بلڪل واضح اٽل آهي ته قبرن وارا نٿا ٻڌن جيڪڏهن نٿا ٻڌن ته پوءِ ٻاسون سڪائون ۽ فريادن جي ٻڌڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. يا وري ڪنهن بزرگ کي وسيلو بنائڻ ته ان جي ڪري الله جلدي ٻڌي ٿو. پر انهن لا علمن کي قرآن وري وري ورجائي ٻڌائي ٿو ته مالڪ هر ڪنهن جي ٻڌي ٿو نڪي وسيلي سان. دنيا ۾ پلي ڪير ڪنهن جو به مريد رهيو هجي پر قيامت اجري وري به سٺن عملن سان ئي ٿيندي. نڪي ڪنهن جي مريد هجڻ سان. لال شهباز قلندر جونپوري هجي گاجي شاهه ڪوسو هجي يا ڪا ٻي تاريخي شخصيت جيڪو وفات ڪري چڪو آهي قرآن جي هن اصول ڪان ٻاهر نٿو ٿي سگهي انسان جي وفات ڪان پوء ان جو دنياوي رابطو عمل ختم ٿي وڃي ٿو جيئن قرآن فرمائي ٿو. اذا مات ابن آدم انقطع عمله الا من ثلاث ان جو مطلب به اهو ئي آهي ته عمل ختم ٿي وڃي ٿو ٻڌڻ ۽ جواب ڏيڻ به دنياوي عمل آهن تنهن ڪري فوت ٿيل انسان کي ٻڌندڙ يا حاجت پوري ڪندڙ سمجهڻ قرآن ۽ حديث ٻنهي جي خلاف آهي قبر تي وڃڻ اسلام ۾ منع ناهي بلڪه نبي ﷺ قبرستان وڃڻ کي آخرت جي ياد لاءِ

پسند فرمايو پر قبر تي وجي قبر واري کي سڏڻ ان کان مدد گهرڻ ان کي وسيلو بنائڻ فرياد ٻڌڻ وارو سمجهڻ توحيد جي روح جي ابتڙ آهي قرآن وري وري انسان کي اهو سيکاري ٿو ته مدد صرف الله کان گهري وجي- ادعونياستجب لڪم - مون کي سڏيو مان اوهان کي جواب ڏيندس هي خطاب زنده انسانن ڏانهن آهي نه ڪي قبرن وارن ڏانهن قرآن جي نظر ۾ اصل موت مردگي جسم جي نه پر دل جي آهي جيئن قرآن فرمائي ٿو- افمن کان ميتا فاحييناه - يعني جيڪو مرده هو اسان ان کي زنده ڪيو هتي مردگي دل جي گمراهي لاءِ استعمال ٿي آهي پر جسماني موت کان پوءِ وري حيات ٿي دنيا ڏانهن موٽڻ جو ڪو تصور قرآن نٿو ڏئي ان ڪري جيڪي ماڻهو قبرن وارن کان ٻڌڻ جي اميد رکن ٿا اهي اصل ۾ قرآني اسلامي تصور حيات ۽ موت جا انڪاري آهن . هي سمورو بحث ان نتيجي تي پهچائي ٿو ته فوت ٿيل انسان پلي اهو دنيا ۾ ڪيڏو به نيڪ چو نه رهيو هجي- نه ٻڌي سگهي ٿو نه ڏسي سگهي ٿو نه جواب ڏئي سگهي ٿو نه ئي ڪنهن جي حاجت پوري ڪري سگهي ٿو عبادت دعاء سکا باس نذر ۽ فرياد جو واحد مستحق ۽ وارث الله آهي جيڪو زنده آهي لا يموت آهي هر شيءِ ٻڌي ٿو هر شيءِ ڏسي ٿو ۽ هر شيءِ تي قادر آهي قرآن جو پيغام انتهائي سادو ۽ صاف آهي انسان کي مردا انسان کان ڪٽيو ۽ الله سان جوڙيو چو ته هدايت به الله ڏئي ٿو ٻڌڻ به الله جي توفيق سان ٿئي ٿو ۽ مدد به صرف الله جي طرفان اچي ٿي- يا اَيهَا الناسُ اعْبدُوْا رَبكُمُ الذِيْ خَلَقَكُمْ وَالذِينَ مِنْ قَبلكُمْ لَعَلكُمْ تتقُوْنَ (البقره 21 اي انسانو! پنهنجي رب جي عبادت ڪريو جنهن اوهان کي ۽ اوهان کان اڳ وارن کي پيدا ڪيو ته جيئن اوهان پرهيزگار بڻجو هي آيت عبادت جو حڪم سڌو الله ڏانهن مخصوص ڪري ٿي- هتي نه ڪنهن ولي جو نالو آهي نه نبي جو نه قلندر جو نه ڪنهن بزرگ جو عبادت جو مخاطب صرف رب آهي وقَضٰى

رَبكَ اَلَّا تعْبدُوْا اِلَّا اِياهُ بني اسرائيل 23- ۾ تنهنجي رب فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته اوهان الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو هي آيت ڪنهن تشريح يا تاويل جي محتاج ناهي. عبادت صرف ۽ صرف الله لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي. الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت قرآن جي صريح حڪم جي نافرماني آهي اياڪَ نعْبدُ وَاِياڪَ نسْتعينُ الفاتحه. اسان فقط تنهنجي عبادت ڪريون ٿا ۽ فقط توکان مدد گهريون ٿا هي آيت هر نماز ۾ مسلمان ورجائي ٿو قرآن پاڻ سيکاري ٿو ته عبادت به صرف الله جي ۽ مدد به صرف الله کان ڪنهن قلندر قبر يا بزرگ کان مدد گهُرڻ هن آيت جي ابتڙ آهي . والذِينَ تدْعُوْنَ مِنْ دُوْنهِ مَا يمْلكُوْنَ مِنْ قطْمِيرٍ فاطر. ۽ جن کي اوهان الله کان سواءِ سڏيو ٿا اهي کجور جي کل جيتري شيءِ جا به مالڪ ناهن جيڪو پاڻ ڪنهن شيءِ جو مالڪ نه هجي سو عبادت جو حقدار ڪيئن ٿي سگهي؟ قلندر هجي يا ڪو پيو سڀ الله جا محتاج آهن. انْ تدْعُوْهُمْ لَا يسْمَعُوْا دُعَاءَكُمْ وَلَوْ سَمِعُوْا مَا اسْتجَابوْا لَكُمْ فاطر 14- جيڪڏهن اوهان انهن کي سڏيو ٿا ته اهي اوهان جي دعا نٿا ٻڌن ۽ جيڪڏهن ٻڌي به وٺن ته اوهان کي جواب نٿا ڏئي سگهن هي آيت صاف ڪري ٿي ته غير الله کي سڏڻ بي فائدو آهي. جيڪو نه ٻڌي نه جواب ڏئي ٿو سو عبادت يا فرياد جو مرڪز ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ويعْبدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللهِ مَا لَا يضُرُّهُمْ وَ الَ ينفَعُهُمْ - يونس 18- ۽ اهي الله کان سواءِ انهن جي عبادت ڪن ٿا جيڪي نه نقصان ڏئي سگهن ٿا نه فائدو. قرآن غير الله جي عبادت کي بي عقل عمل سڏي ٿو ڇاڪاڻ تہ نفعي ۽ نقصان جو مالڪ فقط الله آهي. قلْ اِنَّ صَلَاتيْ وَنسُكيْ وَمَحْيايَ وَمَمَاتيْ للهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ (الانعام 162 چئو بيشڪ منهنجي نماز منهنجي قرباني منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ سڀ الله رب العالمين لاءِ آهي . هي آيت ڪريمه فيصلو ڪري ٿي ته زندگي جو هر عمل عبادت هجي يا قرباني الله لاءِ مخصوص

آهي. ڪنهن قلندر قبر يا بزرگ لاءِ ڪا عبادت قرآن ۾ جائز ناهي. انمَا الْمَسَاجدُ للّٰهِ فَ الَ تدْعُوْا مَعَ اللّٰهِ اَحَدًا الجن 18- بيشڪ عبادت جا سڀ ماڳ الله لاءِ آهن سو الله سان گڏ ڪنهن کي به نه سڏيو. الله سان گڏ ڪنهن ٻئي کي سڏڻ کي قرآن صاف منع ڪري ٿو . اهو ئي شرڪ جو بنياد آهي. قرآن مجيد جي صاف ۽ بي لاڳاپي تعليم موجب عبادت دعا فرياد نذر سجده ۽ مدد جو حقدار صرف الله آهي. نه قلندر نه ولي نه قبر نه ڪو ٻيو انسان عبادت جو حق رکي ٿو. جيڪو الله کان سواءِ ڪنهن کي عبادت ۾ شريڪ ڪري ٿو سو قرآن جي حڪم جي مخالفت ڪري ٿو وَالذِينَ اتخَذُوا مَسْجدًا ضِرَارًا وَكُفْرًا وَتفْريقًا بينَ الْمُؤْمِنينَ وَإرْصَادًا لمَنْ حَارَبَ اللہَ وَرَسُولَہُ مِنْ قَبلُۚ وَلَيحْلفُنَّ إنْ أرَدْنا إ الَّ الْحُسْنىٰ ؕ وَاللہُ يشْهَدُ إنهُمْ لَكاذِبونَ سورة التوبہ107- هي آيتِ ڪريمه انهن ماڻهن بابت نازل ٿي جن مديني ۾ هڪ مسجد تعمير ڪئي پر ان جو مقصد نه الله جي عبادت هو ۽ نه ئي مؤمنن جي ڀلائي بلڪه اها مسجد نقصان پهچائڻ ڪفر کي هٿي ڏيڻ مؤمنن جي وچ ۾ تفرقا پيدا ڪرڻ ۽ انهن ماڻهن لاءِ مورچو تيار ڪرڻ خاطر ٺاهي وئي جيڪي اڳ ئي الله ۽ سندس رسول ﷺ سان دشمني ڪري چڪا هئا. اهي ماڻهو قسم کڻي چوندا هئا ته اسان جو ارادو رڳو ڀلائي آهي پر الله پاڻ شاهدي ڏئي ٿو ته اهي سراسر ڪوڙا آهن. انهن منافقن جو ظاهر نهايت صاف پاڪ ۽ ديني هيو پر سندن دليون شڪ فريب ۽ عداوت سان ڀريل هيون. جڏهن آزمائش جو وقت آيو ته سندن حقيقي چهرو سامهون اچي ويو ۽ سندن لڪيل عيب کلي پيا جنهن کان پوءِ هو پنهنجي سازشن ۾ ناڪام ٿيا. هيءَ آيت اهو به واضح ڪري ٿي ته جيڪڏهن انسان جي دل ۾ اخلاص نه هجي ته عبادت جا سڀ ظاهري رنگ بي معنىٰ بڻجي وڃن ٿا. مسجد جماعت ۽ ديني نالا تڏهن ئي قيمتي آهن جڏهن انهن جي پٺيان سچائي

ايمانداري ۽ نيت جي پاڪيزگي موجود هجي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته اهڙي روش رڳو ان دور تائين محدود نه رهي بلڪه بعد وارن زمانن ۾ به ڪيترن ماڻهن روحانيت دين ۽ تقدس جي نالي تي اقتدار ۽ غلبو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان پسمنظر ۾ بزرگن درگاهن ۽ مذهبي نشانين جي به تنقيدي جاچ ضروري ٿي پوي ٿي ته جيئن حقيقي دين ۽ سياسي يا فڪري سازشن جي وچ ۾ واضح فرق سڃاڻي سگهجي. ان پسمنظر ۾ بزرگن، درگاهن ۽ مذهبي نشانين جي به تنقيدي جاچ ضروري ٿي پوي ٿي ته جيئن حقيقي دين ۽ سياسي يا فڪري سازشن جي وچ ۾ واضح فرق سڃاڻي سگهجي -

سيد محمد جونپوريءَ بابت تاريخ معصومي جو احوال ۽ تاريخي جائزو“

مدعي مهدي موعود سيد محمد جونپوري عرف مير شير قلندر بابت تاريخ معصومي جو بيانيه احوال ۽ ان جي حقيقت تاريخ معصومي ۾ مير سيد محمد عرف مير شير قلندر جونپوري بابت جيڪي احوال درج ڪيا ويا آهن سي خالص تاريخي بيان گهٽ عقيدتي ڪرامت ناما وڌيڪ لڳن ٿا. متن جي شروعات ئي هن دعوي سان ٿئي ٿي ته سيد محمد جونپوري لال شهباز قلندر نندي پڻ ڪان سير سلوڪ رياضت ۽ ڪشف جي بلند درجن تي فائز ٿي ويو هو سندس ڪرامتون ڳڻڻ ڪان ٻاهر هيون ۽ مٿس الله طرفان وحي به نازل ٿيڻ لڳي. اهڙي زبان تاريخ نه هوندي آهي اها مناقب نگاري هوندي آهي جتي شخصيت کي انسان بدران ماورائي مخلوق بڻايو ويندو آهي. تاريخ معصومي ۾ پيش ڪيل اهڙي قسم جي بيانن کي جڏهن تنقيدي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو ته اهو واضح ٿي وڃي ٿو ته هتي حقيقت ۽ عقيدت وچ ۾ حدون گهٽو ڪري مٽجي ويون آهن. هڪ طرف تاريخ لکڻ جو دعويٰ ڪيو ويو آهي پر ٻي طرف بيان جو اسلوب اهڙو اختيار ڪيو ويو آهي جيڪو معروضي تجزيي بدران شخصيت جي تعظيم ۽ تقديس تي ٻڌل نظر اچي ٿو. اهڙي طرز تحرير ۾ واقعات جي تصديق، زماني جي حالتن ۽ سماجي پس منظر جي وضاحت بدران ڪرامتن ۽ غير معمولي دعوائن کي مرڪزي حيثيت ڏني وئي آهي، جنهن ڪري پڙهندڙ لاءِ اصل تاريخي حقيقت تائين پهچڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. مير سيد محمد جونپوري بابت جيڪي روايتون بيان ڪيون ويون آهن، تن ۾ به ساڳي نوعيت جو رجحان نمايان نظر اچي ٿو جتي سندن شخصيت کي هڪ غير معمولي حيثيت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اهو انداز تاريخي تحقيق جي اصولن سان هم آهنگ نٿو لڳي، ڇو ته تاريخ جو ڪم واقعات کي سندن اصل تناظر ۾ پيش ڪرڻ هوندو آهي، نه ڪي انهن کي عقيدت جي رنگ ۾ اهڙي نموني رنگڻ جو جو تنقيدي جائزي جي گنجائش ئي ختم ٿي وڃي. ان قسم جي بيانن مان اهو به محسوس ٿئي ٿو ته مصنف پنهنجي دور

جي مروج مذهبي ۽ فڪري رجحانن کان گهڻو متاثر رهيو آهي جنهن سبب هن شخصيتن کي پرکڻ لاءِ معروضي معيار اختيار ڪرڻ بدران روايتي عقيدن کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي. نتيجي طور تاريخي مواد ۾ اهڙا عنصر شامل ٿي ويا آهن جيڪي حقيقت کان وڌيڪ تصوراتي ۽ مبالغه آميز لڳن ٿا. اهو ضروري آهي ته اهڙن لکتن کي سڌي طرح قبول ڪرڻ بدران انهن جو تنقيدي جائزو ورتو وڃي جيئن حقيقت ۽ روايت وچ ۾ فرق واضح ٿي سگهي. جيڪڏهن هر بيان کي بغير سوال جي قبول ڪيو وڃي ته پوءِ تاريخ تحقيق جو ميدان نه رهي پر صرف عقيدت جو اظهار بڻجي وڃي ٿي جيڪا علمي دنيا لاءِ مناسب طريقو ناهي ان ڪري تاريخ معصومي ۾ درج اهڙن احوالن کي پڙهندي اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اهي مڪمل طور تي غير جانبدار تاريخي بيان نه پر هڪ مخصوص فڪري ۽ عقيدتي ماحول جو عڪس آهن، جن کي سمجهڻ لاءِ تنقيدي شعور ۽ تحقيق جي ضرورت آهي. اهڙي ريت ئي پڙهندڙ اصل حقيقت تائين پهچي سگهي ٿو ۽ تاريخ کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهي سگهي ٿو. ان کان علاوه اهڙي قسم جي بيانن ۾ اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته مصنف واقعات کي پرکڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي تنقيدي معيار کي اختيار نٿو ڪري بلڪه روايتن کي جيئن جو تيئن قبول ڪري پيش ڪري ٿو جنهن سان تاريخي سچائي ڌندلي ٿي وڃي ٿي جڏهن ڪنهن شخصيت سان غير معمولي دعوائون ڳنڍيون وڃن ٿيون ۽ انهن جي تصديق لاءِ ڪو مضبوط ثبوت پيش نٿو ڪيو وڃي ته پوءِ اهو بيان علمي معيارن تي پورو نٿو لهي اهڙي انداز سان نه رڳو پڙهندڙ گمراهه ٿي سگهي ٿو پر تاريخ جي اصل مقصد کي به نقصان پهچي ٿو چو ته تاريخ جو ڪم حقيقتن کي واضح ڪرڻ آهي نه ڪي انهن کي عقيدت جي پردي ۾ لڪائڻ ساڳئي وقت اهو به سمجهڻ ضروري آهي ته هر دور ۾ اهڙيون تحريرون پيدا ٿينديون رهيون آهن جتي شخصيتن کي بلند مقام ڏيڻ لاءِ مبالغو ڪيو ويندو آهي پر جديد تحقيق جو تقاضو اهو آهي ته انهن بيانن کي سوال جي نظر سان ڏٺو وڃي ۽ هر دعويٰ کي دليل جي بنياد تي پرکيو وڃي جڏهن تائين اهڙو طريقو اختيار نه ڪيو ويندو تڏهن تائين تاريخ ۽ مناقب جي وچ ۾ فرق واضح نه ٿي سگهندو ۽ پڙهندڙ لاءِ سچ تائين پهچڻ ڏکيو رهندو. - سيد محمد عرف مير شير لال شهباز قلندر جونپوري عثمان مروندي ڪابلي قنداري جو اڏرڻ پرواز ڪرڻ شهباز ۽ شينهن ٿيڻ، سندن احوال: تاريخ معصومي مير شير قلندر محمد جونپوري پاڻ مير سعيد حسين خان

9

زنجيريا عرف حسن ابدال ولي قنداري مير عثمان خان جا فرزند آهن جنهن کي پوءِ وري سيد محمد مير هندي جونپوري منجهان مرونڊي بڻايو ويو.

سيد محمد جونپوري لعل شهباز قلندر جو اڏرڻ پرواز ڪرڻ ۽ ٻيا ڪوڙ سارا معجزا۔



پاڻ نديڻ ۾ سير سلوڪ ۽ رياضت ۾ مشغول ٿي پاڻ کي بلند درجن تي پهچايو ۽ هدايت ۽ ارشاد جو دروازو کولي طلب جي وادي جي اڃايلن جي خشڪ چپن کي معرفت جي پاڻي سان تازو ڪندا رهيا۔ سندن ڪشف ۽ ڪرامتون ڳڻڻ کان ٻاهر آهن انهن مان ڪي ٿوريون هتي بيان ڪريون ٿا. مخفي نه رهي ته سندن نالو سيد محمد آهي ڪين سيد شير هن ڪري چوندا آهن جو پنهنجي اصلوڪي صورت مٿائي شينهن جي شڪل ڪئي هئائون ۽ شهباز انهي ڪري چيو ٿو وڃي جو سندن زندگي هميشه سير ڪرڻ اڏرڻ ۾ گذري ڪڏهن قندار ته ڪڏهن اٽڪ ڪڏهن جونپور ته ڪڏهن جالور. قصو هن طرح هو ته

جڏهن ابتدا ۾ سيد محمد ڪرامتن ۽ مناقبن ۾ مشهور ڪيو ويو قندار هزاري اٺڪ سنڌ سرائيڪي جونپور جالور جي علائقن جا ماڻهو مريد ۽ معتقد ٿي نذر نياز آڻڻ لڳا تڏهن سيد قشغه نالي هڪ شخص مير ذوالنون ارغون کي نامناسب ڳالهيون ٻڌايون ته محمد امام مهدي جي دعوي ڪئي آهي. سيد محمد ڏي ماڻهو موڪلي گهرائي سزا ڏني مير سيد محمد جمعي ڏينهن شڪلچه مان اچي جامع مسجد ۾ مير ذوالنون ارغون وٽ پيش پيو ۽ ساڻس ملاقات ڪئي. مير ذوالنون جڏهن مجلس مان اٿيو تڏهن پنهنجي سپاهين کي چيائين ته هن سيد محمد کي نگاهه ۾ رکو ڪٿي ڀڄي نه وڃي. سپاهين مير سيد محمد کي هڪ جاءِ ڏني ۽ هڪ فوجي ٽولو مٿس پهرو ڏيندو رهيو ليڪن مير ذوالنون ارغون جڏهن گهر پهتو تڏهن جيڪا بي ادبي ڪانئس مير سيد محمد شير قلندر جي حق ۾ صادر ٿي هئي تنهن کان پشيمان ٿي طعام جون ڪي ٿالهيون تيار ڪرائي معتبر ماڻهن جي هٿان مير سيد محمد شير قلندر ڏانهن موڪليائين. انهن وٽ پهچي جڏهن انهيءَ جاءِ جو دروازو کوليائون جنهن ۾ مير سيد شير قلندر شهباز اندر هو ته ڪين هڪ وڏي شينهن کان سواءِ جو نمدي تي ليٽيو رهيو هو ٻيو ڪوبه ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. هنن جيڪي ڏٺو سو وڃي مير ذوالنون ارغون کي ٻڌايو جنهن چيو ته هي ڀڪ سان ڊنا آهن سو پنهنجن پروسي واري سپاهين مان ٻن ٻين کي وڃڻ جو حڪم ڏنائين جن پڻ اچي اها ساڳي حالت ڏٺي ۽ اچي عرض ڪيائون. پوءِ ته مير ذوالنون ارغون پنهنجي پٽ شاهه بيگ ارغون ٻين ٻارن خاص سپاهين سان انهيء جاءِ جي دروازي تي پهچي ڏسي عين اليقين حاصل ڪيو ته برابر هڪ وڏو شينهن نمدي تي ويٺو آهي. مير ذوالنون ارغون پنهنجي گستاخي جو قبولدار ٿي عذر استغفار توبه جي زبان کولي مير شير قلندر کان معافي ورتي جنهن کانپوءِ مير سيد شير قلندر پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ موٽي آيو ۽ مير ذوالنون ارغون مير سيد محمد مهدي جونپوري جا هٿ ۽ پير چمي کين اجازت ڏني ته هو ڀلي قندار ۾ رهي پنهنجي مهدويت جي تبليغ ڪري سندس هر ممڪن مدد پڻ ڪئي ويندي. نقل آهي ته سلطان علي قورچي جو لق ۽ دق جي نالي سان مشهور آهي ابتدا ۾ مير سيد محمد شير جو وڏو منڪر مخالف هو. نيٺ هڪ ڏينهن امتحان جو خيال دل ۾ رکي مير سيد محمد شير جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ بي ادبي جي نموني سان ويٺو. سيد محمد شير قلندر جذبي ۽ جلالت سان ڏانهس نهاريو ڏسڻ شرط ڪري پيو پنهنجا ڪپڙا پرزا پرزا ڪيائين مٿو ڏاڙهي کوڙي ڪيترو وقت

اگهاڙو ڦرندو رهيو. آخر سندس همشيره بيچه حبيب ۽ سندس پيٽيو مسلم ڪوڪلتاش مير سيد محمد شير قلندر جي خدمت شريف ۾ اچي ڪيل گستاخي ۽ گناهن جي معافي ورتي مير سيد محمد شير پنهنجي وضوءَ جو پاڻي ڪيس پيئڻ لاءِ ڏنو ته هو پاڻي پيئڻ سان پنهنجي اصلوڪي حالت ۾ آيو ۽ مريدن اصحابن خليفن جي لسٹ ۾ داخل ٿيو ۽ حياتي تائين مير سيد محمد شير قلندر جي بورچيخاني لاءِ ڪاٺيون ڍوئيندو هيو. سلطان علي کان نقل آهي ته هڪ نهايت ٿڌي رات جو مير سيد محمد شير قلندر درويشن جي هڪ جماعت سان سير تي نڪتو گهڙي کن ننڊ ڪيائون ته کين تڙ ڪرڻ جي ضرورت ٿي هڪدم سجاڳ ٿي فرمايائون ته مون کي غسل ڪرڻ جي ضرورت آهي اي سلطان علي منهنجا ڪپڙا سنڀالج پوءِ مير ڪوڏ ٻڏي هڪ نهر جي مٿان برف پچي پاڻي ۾ گهڙيو هوڏانهن ٿڌي هوا جي ڪري منهنجا عضوا لنگ ٿي ڏڪيا مون کي جڏهن انهي حال ۾ ڏٺائون تڏهن فرمايائون ته اي سلطان علي ٿڌ ٿي لڳي چا؟ هيڏانهن اچ پر مردن جا راز ڳجها رکج. آئون اتي ويس چا ڏٺم ته پاڻي نهايت گرم هو منهنجي بدن کي آرام اچي ويو پوءِ ساڻس گڏ نڪتس ۽ سردي جو ڪوبه اثر ڏسڻ ۾ نه آيم. نقل آهي ته مير سيد محمد شير شهباز قلندر هڪ ڏينهن سفيد روان جگهه تي پهتا هوا گرم هئي خواجا شهاب الدين سفيد رواني جو هڪ معتقد هو سو چوي ٿو ته مون اٿي وڃي عرض ڪيو ته ڪا گهڙي منهنجي باغ ۾ به قدم مبارڪ رکڻ فرمايو پاڻ منهنجو عرض قبول فرمايائون مون باغ ۾ اچي وچي حوض جي ڪناري تي جاءِ تيار ڪئي باغ جو دروازو ننڍو سوڙهو هو تنهن ڪري مير سيد محمد شير قلندر جي گهوڙي کي باغ جي باهران وڻ جي پاچي ۾ جهلڻ جو ارادو ڪيو هو مگر اوچتو چا ٿا ڏسون ته مير سيد محمد شير قلندر سواري سان باغ ۾ گهڙي آيو آئون حيرت ۾ غرق ٿي ويس ته هن سوڙهي در مان ڪيئن لنگهيا هوندا! پاڻ فرمايائون ته شهاب الدين هي ڳالهيون آسان آهن. عرض ڪيم ته جيڪو ميوو پسند هجي سو حاضر ڪريان مون ڪنهن ڪاموري ڏانهن موڪلڻ لاءِ به ٽوڪرا ميون جا پري رکيا هئا جي مير سيد محمد شير قلندر جي اچڻ کان اڳ ڪٽي هڪ ڪنڊ ۾ رکيا هيم. پاڻ فرمايائون ته شهاب الدين جيڪي به ٽوڪريون ميوي جون صبح پري رکيون اٿيئي سي ڪٽي اچ ۽ جنهن ڏانهن موڪلٽيون اٿيئي انهي ڏانهن وري پري موڪلج مون کي ڏاڍي حيرت لڳي سچي عقيدي سان اٿي وڃي سندن هٿ چميم ۽ سندن پيرن تي ڪريس ۽ مريدي اختيار ڪيم. نقل آهي

ته مير سيد محمد شير قلندر داور کان سربان قلعي ۾ پهتا ۽ سندن مريد مانجهاندي ڪرڻ لاءِ هڪ ڪڙميء جي گهر آيا مگر انهي کين رهڻ نه ڏنو درويش مير سيد محمد شير قلندر وٽ دانهن کڻي آيا. پاڻ فرمايائون ته هتان پڃو چاڪاڻ ته هتي وڏي باهه لڳندي ۽ ٿي قدم اٿي مس وڌيا ته اوچتو زبردست باهه لڳي ۽ اها جاءِ سڙي وئي سڀ مري خاڪ ٿي ويا. نقل آهي ته مير سيد محمد شير قلندر جي وفات سن 933ھ ۾ عاشوري ڏينهن ٿي هئي سندن مرڻ جي جاءِ اشڪلچه جي ڳوٺ ۾ آهي سندن تابوت کڻي سيوستان سيوهڻ ۾ دفن ڪيائون. اشڪلچه جو قندار کان ڏهه ڪوهه الهندي طرف آهي اتي قندار داور جي گرد و نواح جا ماڻهو مقصدن ۽ مطلبن حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا آهن ۽ حضرت جي فرزند کي نذر نياز سوکڙيون ڏيندي سندن روح پر فتوح جي نيت فقيرن مسڪينن ۽ آئي وئي کي ڏيندا آهن قنڌار هزاري سنڌ جونپور ٻين علائقن جا سڀ ماڻهو سندن مريد آهن. سيد مير شير قلندر جو متبرڪ آستان ڪنهن ڏينهن به انبوهه ۽ مجمع کان خالي نه آهي ۽ مقرر لنگر هميشه جاري آهي. شير شينهن ٿيڻ ۽ شهباز ٻڻجي اڏامڻ جهڙا قصا علامتي به نه پر سڌي طرح غير عقلي دعوائن تي ٻڌل آهن. مير شير قلندر جو شينهن جي صورت اختيار ڪرڻ نمدي تي ليٽڻ ۽ پوءِ ٻيهر انساني صورت ۾ موٽڻ اهڙا قصا آهن جيڪي ڪنهن به تاريخي معيار تي پرکيا وڃن ته بيهڻ جهڙا ناهن هي بيان ڪنهن عيني شاهد غير جانبدار ذريعو يا همعصر دستاويز سان ثابت نٿا ٿين پر فقط مريدن جي زباني روايتن تي بيٺل آهن. مير ذوالنون ارغون سان لاڳاپيل قصو خاص ڌيان طلب آهي هڪ طرف چيو وڃي ٿو ته مير سيد محمد جونپوري مهدي هجڻ جي دعوي ڪري رهيو هو ٻئي طرف اهو به لکيو وڃي ٿو ته ارغون حاڪم کيس سزا ڏيڻ جو سوچي ٿو پوءِ اوچتو شينهن ڏسي خوفزده ٿي وڃي ٿو معافي وٺي ٿو نه رڳو آزاد ڪري ٿو پر سندس مهديت جي تبليغ لاءِ مدد جو وعدو به ڪري ٿو سندس عقيدتمند به ٿئي ٿو هي تضاد پاڻ ۾ ئي سوال پيدا ڪري ٿو. جيڪڏهن رياستي طاقت مهدي جي دعوي کي خطرو سمجهي رهي هئي ته پوءِ صرف هڪ ڪراماتي منظر ڪانپوءِ پاليسي جو اهڙو مڪمل الٽاءُ تاريخي طور سمجهه کان ٻاهر آهي يا هٿرادو ٺهيل ڪهاڻي آهي. مهدي موعود پيش ڪري ماڻهن تي ۽ ٻين ملڪن تي قبضو ڪجي عقيدي جي آڙ ۾ . سلطان علي قورچي سان لاڳاپيل احوال به ساڳي نموني جو آهي بي ادبي ڪرڻ تي انسان جو پاگل ٿيڻ ڪپڙا ڦاڙڻ

مٿو ڏاڙهي ڪوڙائڻ پوءِ وضو جو پاڻي پيئڻ سان اصل حالت ۾ موٽڻ اهڙا سڀ عنصر نفسياتي يا سماجي خوف جي ڪهاڻي ٿي سگهن ٿا پر تاريخي حقيقت نه اهڙن قصن جو مقصد ماڻهن کي عقل بدران دهشت حيرت جي بنياد تي تابعدار بڻائڻ هوندو آهي. سرد پاڻي جو گرم ٿي وڃڻ برف ٻڌيل نهر ۾ غسل ۽ ٻين جي بدن کي به آرام پهچڻ فطري قانونن جي ڪليل نفي آهي تاريخ جيڪڏهن تاريخ هجڻ چاهي ٿي ته ان کي مافوق الفطرت دعوائن کان پاسو ڪرڻو پوندو اهڙيون ڳالهيون يا ته علامتي سمجهيون وڃن ٿيون يا صاف لفظن ۾ من گهڙت قرار ڏجن ٿيون. ساڳي طرح سوڙهي در مان گهوڙي سميت لنگهڻ اڳواٽ لڪايل ميون جي خبر رکڻ ۽ باهه لڳڻ جي اڳڪٿي جهڙا قصا به هڪ منظم نموني سان ولي جي فوق البشر حيثيت قائم ڪرڻ لاءِ ناهيل نظر اچن ٿا هي سڀ بيان پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور نه ٿا ڪن پر ڪيس حيران ڪرڻ ۽ مجرائڻ لاءِ لکيا ويا آهن. وفات بابت به ساڳيو انداز رکيو ويو آهي عاشوري جي ڏينهن وفات تابوت جو قندار کان سيوهڻ آڻڻ هر هنڌ انبوهه لنگر نذر نياز جو ذڪر سڀ ڪجهه هڪ اهڙي ڪلچر ڏانهن اشارو ڪري ٿو جتي شخصيت مرڻ کانپوءِ به اقتصادي ۽ سماجي مرڪز بڻجي وڃي ٿي تاريخ معصومي هتي به سوال نه ٿي ڪري رڳو رواج کي بيان ڪري ٿي. نتيجي طور مير شير قلندر جونپوري بابت تاريخ معصومي جو مواد تاريخ کان وڌيڪ عقيدتي ادب آهي. ان ۾ عقل جي جاچ سياسي پس منظر سماجي مفاد جو ڪو سنجيده تجزيو موجود ناهي شير ٿيڻ اڌرڻ پاڻي گرم ڪرڻ ماڻهن کي هڪ نظر ۾ پاگل يا مريد بڻائڻ اهي سڀ اهڙا عنصر آهن جيڪي هڪ انساني ڪردار کي تاريخ مان ڪڍي افسانوي دنيا ۾ داخل ڪن ٿا اهڙي بيان کي تاريخ مڃڻ تاريخ سان ناانصافي آهي. سيد ميان حيدر سنائي متعلوي جون مينهون گم ٿي ويون هن جي پٽن ڏاڍي ڳولا ڪئي پر مايوس دلگير ٿي ويهي رهيا آخر ۾ حضرت رسالت ماب سيد محمد ميران شاهه مير شير لعل شهباز قلندر جونپوري غيب جي پردي مان سندن خبر گيري واسطي انهي جي گهر تشريف فرما ٿيا. آئون انهي وقت شاهه ڪريم بلڙي کي هنج تي کڻي پنهنجي گهر جي دروازي تي ويٺي هيس ته اوچتو پاڻ ڪريم محمد جونپوري جن انهي گهر مان ٻاهر نڪتا مان ادب خاطر گهر جي ڏيڍي ۾ پاسيري ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته پاڻ فرمايائون ته پري نه وڃو تڏهن شاهه ڪريم بلڙي کي کڻي سندن آڏو ڪيم ته پاڻ پنهنجي ٽڪ مبارڪ وات مان

ڪڍي ڪريم بلڙي جي وات ۾ وڌائون ۽ ان کان پوءِ پاڻ هليا ويا. بيان العارفين دري فارسي مهدوي پنهنجي ڪتاب سيرت ميران محمد جونپوري موعود ۾ لکن ٿا ته حيدر مهاجر المعروف حيدر متعلوي سنائي ٺٽي پرسان هڪ جڳهه تي ميران محمد جونپوري سان ترسيل هيو جتي حيدر سنائي جون مينهون گم ٿي ويون ۽ حيدر مهاجر انهن جانورن جي تلاش ۾ نڪتو پر هڪ ٿامي جي پٽ ڏسي موٽي آيو ميران جونپوري عرف ڪوڙي مهدي کي مينهن جي گم ٿي وڃڻ جي شڪايت ڪئي جنهن تي ميران مهدي چيو ته مان جتي ترسندو آهيان منهنجي چوڌاري ٿامي جي پٽ هوندي آهي تون پريشان نه ٿي جانور واپس اچي ويندا. هن ڪتاب جي حوالي سان جي ايم سيد جي وڏي ڏاڏي حيدر سنائي جي حقيقت واضح آهي جڏهن ته جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب سنڌ جا سورما ۾ لکي ٿو ته حيدر سنائي ميران محمد جونپوري عرف ڪوڙي مهدي کي سمنڊ ٻوڙي ماريو هيو. جڏهن ته حقيقت هي آهي حيدر سنائي ميران محمد جونپوري جو خليفو هيو ڄام نظام الدين حيدر سنائي ۽ ميران جونپوري کي سمنڊ ذريعي سنڌ بدر ڪيو هيو ان جو ثبوت مٿي ڄاڻايل قاديانين جي ڪتاب ۾ آهي. جي ايم سيد جا سمورا ڪتاب ڪوڙ بغاوت ۽ قاديانيت ۽ ملحدن جي پرچار تي مشتمل آهن جيڪو سنڌي نوجوانن لاءِ گمراهي جو وڏو سبب آهن. ان کان بعد قادياني پنهنجي ڪتاب سيرت ميران محمد جونپوري موعود ۾ ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڊو جي باري ۾ لکن ٿا ته ڄام ننڊو سخت ڪافر هيو جنهن اسلام جي چئني فقهه مطابق ميران محمد جونپوري کي ڪوڙو مهدي ڪافر قرار ڏئي بيعت ڪرڻ کان انڪار ڪري سنڌ مان نڪري وڃڻ جو حڪم ڪيو. بنيادي سوال هي پيدا ٿئي ٿو ته ڇا واقعي سيد محمد جونپوري ئي اڄ جو مشهور قلندر آهي؟ جيڪڏهن سيد محمد جونپوري پنهنجي حياتي ۾ پاڻ کي مهدي هجڻ جي دعوي ڪئي پنهنجي تحريڪ قائم ڪئي سخت مخالفت کي منهن ڏنو حڪمرانن سان سڌي ٽڪراءُ ۾ رهيو ته پوءِ اهڙي وڏي دعوي کان پوءِ سندس وفات قبر ۽ انجام ايترو غير واضح ڇو بڻجي ويو؟ تاريخ اهو ٻڌائي ٿي ته جيڪي ماڻهو مهدي هجڻ جي دعوي ڪندا آهن اهي يا ته پنهنجي تحريڪ سان گڏ قائم رهن ٿا يا پوءِ مڪمل طرح ناڪام ۽ رد ٿيل قرار ڏنا وڃن ٿا پر هتي معاملو بلڪل مختلف نظر اچي ٿو دعوي ته موجود آهي پر دعويدار جو مستند انجام غائب آهي انهي خالي جاءِ کي پوءِ روحاني ڪهاڻين ڪرامتن ۽ خوابن ذريعي پريو ويو قديم خانه بدوش هجرتي قبيلن

خاص ڪري عرب ۽ وچ ايشيا جي ڪجهه گروهن ۾ اها روايت رهي آهي ته هو پنهنجي سردار يا بزرگ جي لاش کي ڪاٺ جي تابوت ۾ محفوظ ڪري دفن ڪندا هئا ۽ پوءِ هجرت وقت اهو تابوت پاڻ سان گڏ کڻي هلندا هئا جيئن پوءِ ڪنهن مناسب هنڌ تي دفن ڪري سگهجي. هن روايت جي پس منظر ۾ اهو به بيان ملي ٿو ته سيد محمد جونپوري جي لاش کي به سفري تابوت ۾ محفوظ رکيو ويو سنڌ تي شاهه بيگ ۽ ذوالنون بيگ جي دور ۾ قبضو قائم ٿيو انهي ئي دور بابت ڪجهه روايتون اشارو ڪن ٿيون ته جونپوري جي لاش جو تابوت سيوهڻ آڻي دفن ڪيو ويو هن عمل کي خواب ۾ ملندڙ نصيحت سان جوڙي پيش ڪيو ويو تاريخ ۾ خوابن ذريعي قبرن جو تعين ڪرڻ گهڻو ڪري سياسي يا مذهبي جواز پيدا ڪرڻ جو ذريعو رهيو آهي ڪجهه نسلي ۽ سياسي اشارا اهو به ڏيکارين ٿا ته علي شيرازي يا علي ڪالان جيڪو پڻ ارغوني حڪمرانن سان وابسته هيو ۽ جونپوري جو فرزند هيو جيڪڏهن اهو سلسلو درست مڃيو وڃي ته پوءِ سيوهڻ ۾ قبر جو قيام صرف روحاني عمل نه رهيو پر حڪمراني ۽ قبضي جي علامت بڻجي وڃي ٿو اهڙي ريت انهن ڪتابن جي نچوڙ مان اهو تاثر اڀري ٿو ته سيد محمد جونپوري جو مهدي هجڻ واري دعوي تاريخ مان غائب نه ٿي پر ان کي قلندري سڃاڻپ ۾ تبديل ڪيو ويو ته جيئن هڪ متنازع سياسي مذهبي شخصيت کي هڪ بي ضرر روحاني بزرگ جي صورت ۾ پيش ڪري سگهجي سيوهڻ ۾ قلندر جي قبر صرف هڪ مزار نه رهي پر قبضي ۽ نئين روايت سازي جي علامت بڻجي وئي وَلاَ تَلْبِسُواْ الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ سورة البقره 42: حق کي باطل سان نه ملايو ۽ ڄاڻي واڻي حق کي نه لڪايو حق ۽ باطل جي ڪشمڪش سنڌ جي تاريخ ۾ هميشه هڪ مستقل حقيقت رهي آهي. سنڌ جي ڌرتي تي جيڪو ڏکوئيندڙ ۽ خونچڪان معرڪو برپا ٿيو اهو رڳو سياسي يا قبائلي جنگ نه هئي پر هڪ اهڙي فڪري ۽ مذهبي يلغار هئي جنهن کي پوءِ روحانيت ۽ تقدس جو لباس پارايو ويو هي جنگ بنيادي طور سنڌي سماٽ سمان مسلمانن ارغون ترخان ۽ انهن سان لاڳاپيل مهدوي لشڪرن جي وچ ۾ هئي تاريخي ماخذن مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ تي حملو ڪندڙ قوت رڳو هڪ ٻاهرين سياسي طاقت نه هئي پر مهدويت جي نالي تي منظم لشڪر هو جنهن جي قيادت مهدي جونپوري جو فرزند علي شيرازي ڪري رهيو هو جيڪو پاڻ کي مهدوي خلافت جو خليفو سڏائيندو هو اهو ئي علي شيرازي ان مهدوي سلسلي جو

وارث چاڙايو وڃي ٿو جنهن جو مرڪز پوءِ سيوهڻ ۽ ان جي آس پاس وارو علائقو بڻيو. هن تحريڪ سان ان دور جا ڪيترائي حڪمران ۽ امير لاڳاپيل نظر اچن ٿا جن ۾ همايون مغل شاهه بيگ ارغون عيسي ترخان جهڙا نالا شامل آهن جيڪي مهدوي خلافت جا مريد يا خليفا سمجهيا ويندا هئا مهدوي تحريڪ جو باني ميران محمد جونپوري هو جنهن سڀ کان پهرين پاڻ کي امام مهدي موعود قرار ڏنو. سندس تعلق قندار سان ٻڌايو وڃي ٿو پر هن فتني جو باقاعده ظهور گجرات ۾ تقريبا 1500ع کان پوءِ ٿيو گجرات ۾ هن عالمن ۽ فقيهن سان مناظرا شروع ڪيا گجرات جي حڪمران سلطان محمود ۽ مظفر بيگڙا جيڪو پاڻ به صاحب علم محدث هيا سڌو سنئون ميران جونپوري سان مناظرو ڪيو جنهن ۾ جونپوري پنهنجي دعوي ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو انهي بنياد تي سلطان مظفر جي حڪم سان عالمن جو اجتماع ٿيو ۽ هن فتني خلاف سخت موقف اختيار ڪيو ويو گجرات جو قاضي ملا علي متقي مڪي شريف روانو ٿيو جتي حنفي مالڪي شافعي ۽ حنبلي فقهن جي وڏن عالمن سان رجوع ڪيو ويو انهن ۾ شيخ ابن حجر مڪي محمد بن الخطاب المالڪي ملا علي قاري سيد محمد اسعد مڪي جهڙا جليل القدر عالم شامل هئا جن متفقه طور ميران جونپوري جي دعوي مهدويت کي باطل ۽ ڪفر تي مبني قرار ڏنو ان کان پوءِ مختلف اسلامي رياستن جي حڪمرانن کي هن فتني جي خاتمي بابت حڪمناما موڪليا ويا انهن فتوائن کان پوءِ جونپوري جي خلاف گرفتاريون شروع ٿيون سندس ڪيترائي پوئلڳ گرفتار ڪيا ويا ۽ ڪن کي سزائون پڻ ڏنيون ويون خود جونپوري گجرات مان فرار ٿي سنڌ پهتو پر هتي به کيس سخت مخالفت کي منهن ڏيڻو پيو تاريخي روايتن موجب سندس قافلي جا چوراسي بودلا ماڻهو سنڌ ۾ بغاوت کان پوءِ مقامي فوج جي هٿان مارجي ويا. سنڌ جي سلطان ڄام نظام الدين ۽ سنڌ جي عالمن جونپوري سان مناظرا ڪيا جتي هو هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي دعوي ۾ ناڪام ثابت ٿيو روايتن موجب سلطان ڄام نظام الدين سخت رد عمل ظاهر ڪيو پر اميرن جي صلاح تي جونپوري کي قاضي جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جتي کيس قيد ۽ ڪوڙن جي سزا ٻڌائي وئي سزا جي شدت سبب جونپوري سخت بيمار ٿي پيو. آخرڪار هن معافي نامو لکي پنهنجي دعوي مهدويت تان دستبرداري ظاهر ڪئي جنهن تي کيس هن شرط سان آزاد ڪيو ويو ته هو جلدي سنڌ ڇڏي وڃي جونپوري جان بچائي تربت بلوچستان پهتو جتي هن ٻيهر پنهنجن نظرين جي

تبليغ شروع ڪئي ۽ ڪوهه مراد مطلب مرادون پوريون ڪرڻ واري جبل تي نام نهاد حج جو اعلان ڪيو ۽ مقام محمود جو درجو ڏنو جنهن جي پيروي اڄ به ڪجهه ذڪري مهدوي ڪن ٿا ان ڪان پوءِ هو قنڌار پهتو جتي حڪمران حسين هروي ڪيس مهدي مڃي بيعت ڪئي ۽ اهو ئي اهو مرحلو هيو جتي شاهه بيگ ارغون به هن تحريڪ ۾ شامل ٿيو انهن سڀني جو ايندڙ هدف سنڌ جي خودمختيار سلطنت هئي ان ڪان پوءِ جيڪو ٿيو اهو سنڌ جي تاريخ جو هڪ ڪارو باب آهي قاضي قادن قاضي اوچ ۽ قاضي شڪر الاهي جهڙن مهدوي قاضين جي ذريعي سنڌي سماٽ مسلمانن کي ڪافر قرار ڏئي قتل عام شروع ڪيو ويو مخدوم بلال سميت سوين عالم صوفي ۽ معزز ماڻهون شهيد ڪيا ويا ڦرلٽ بي حرمتي ۽ جبر عام ٿي ويو آخرڪار سنڌ تي مهدوي اقتدار قائم ٿي ويو ۽ سمان حڪمرانن جون جاگيرون حويليون ۽ ملڪيتون قنڌار ۽ هرات مان آندل مهدوي خاندانن ۾ ورهايون ويون اهڙي طرح سنڌ تي جيڪا حڪومت مسلط ڪئي اها روحاني نه پر حقيقت ۾ قنڌاري مهدوي اقتدار هيو شاهه بيگ ۽ شاهه حسن جي تدفين جونپور ۾ ٿيڻ به هن نسبت کي وڌيڪ واضح ڪري ٿي 1520ع کان پوءِ ڪلهوڙا دور ۾ به اها ئي مهدوي سوچ مختلف صورتن ۾ قائم رهي جتي اختلاف ڪندڙن جا پورا خاندان مٽايا ويا ننگر سمان تي مهدوي لشڪر جو حملو ڪنهن مذهبي اصلاح روحاني دعوت يا اخلاقي مقصد جو نتيجو نه هو پر ميران محمد جونپوري جي مسلسل تذليل مناظرن ۾ ناڪامي ۽ سنڌ ۾ ملندڙ سخت مزاحمت جو کليل انتقام هو گجرات ۽ سنڌ ۾ ڪوڙي دعوي مهدويت جي رسوائي کان پوءِ مهدوي قيادت لاءِ لازم ٿي ويو هو ته هو پنهنجي شڪست کي رت سان لڪائي انهي مقصد لاءِ سمان ڄامن جي مرڪز ننگر ٺٽي کي نشانو بڻايو ويو هي حملو ڪنهن جنگي ضرورت هيٺ نه پر مثالي قتل عام طور ڪيو ويو ٺٽي ننگر کي سمان ڄامن جي ڳاڙهي رت سان ڌوتو ويو بستيون ساڙيون ويون خاندان جا خاندان ختم ڪيا ويا ۽ هن قتل و غارت کي مهدوي فتوائن ذريعي ديني فتح جو نالو ڏنو ويو اهو دراصل هڪ واضح پيغام هو ته جيڪو به جونپوري فتني کي رد ڪندو ان جو انجام اهو ئي هوندو جڏهن هن خونريزي ۾ ڪاميابي حاصل ٿي وئي ته ان کان پوءِ جو منظر ان کان به وڌيڪ معني خيز ۽ ڏوهاري هو شاهه بيگ ارغون جيڪو پاڻ هن مهدوي يلغار جو سياسي ستون هيو فتح کان پوءِ عطر عنبر مشڪ ۽ ٻيا قيمتي تحفا کڻي مهدوي قيادت وٽ حاضر ٿيو انهن

تحفن سان گڏ هن سمان سلطان ڄام نظام الدين جي حويلي جون چاٻيون پڻ پيش ڪيون جيڪي رڳو هڪ شخص نه پر سنڌ جي خود مختياري جي علامتي تسليم شڪست هيون اهي چاٻيون ڪنهن صوفي بزرگ يا روحاني رهبر جي اڳيان نه پر سيد علي شيرازي جي اڳيان رکيون ويون جيڪو ان وقت مهدوي جماعت طرفان باقاعده شيخ الاسلام ۽ مهدوي خليفو مقرر ٿيل هو اهڙي طرح هڪ نام نهاد مذهبي تحريڪ مڪمل طرح رياست اقتدار ۽ زمين جي مالڪ بڻجي سامهون اچي ٿي ترخان نامي جو بيان هن سچي منظر کي ڪنهن افسانوي ٻولي کانسواءِ نهايت سفاڪ وضاحت سان محفوظ ڪري ٿو مصنف صاف لکي ٿو ته ٺٽي جي ماڻهن سيد علي شيرازي جي خاص خدمت اختيار ڪئي ۽ قبضي جا تحفا وقت سر سنڌس حضور ۾ پهچايا هي اقتباس ان ڳالهه جو ناقابل ترديد ثبوت آهي ته مهدوي قيادت رڳو فڪري يا روحاني اثر نه رکندي هئي پر عملي طور سنڌ جي حڪمراني ان جي تابع ٿي چڪي هئي- هتي شيخ الاسلام سنڌ جي اصطلاح ڪنهن مذهبي عزت جو نه پر اصلي اقتدار جي اعلان جو مترادف آهي شاهه بيگ ارغون پاران چاٻيون پيش ڪرڻ ان حقيقت کي کولي ٿو ته ننگر جي تباهي سمان ڄامن جو قتل عام ۽ تحفن جي هي رسم دراصل سنڌ تي مهدوي ارغوني قبضي جي سرڪاري تقريب هئي ان واقعي کان پوءِ سنڌ ۾ مهدويت کي ڪنهن فڪري بحث يا دعوت جي ضرورت ئي نه رهي تلوار فتوي ۽ ڦرلٽ اهو ڪم ڪري ڇڏيو جيڪو مناظرن ۾ ممڪن نه هو. ننگر جو مثال قائم ڪري اهو ثابت ڪيو ويو ته مهدويت هتي عقيدو نه پر هٿيار هئي سيد علي شيرازي اهو چهرو هو جنهن جي اڳيان سنڌ جون چاٻيون رکيون ويون حوالو ترخان نامو وقائع شاهه بيگ ارغون ۽ مهدوي خلافت ذڪر سيد علي شيرازي شيخ الاسلام سنڌ. اهي سڀ حقيقتون هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪن ٿيون ته مهدويت سنڌ لاءِ ڪا روحاني نعمت نه هئي پر هڪ سياسي ۽ مذهبي قهر بڻجي نازل ٿي جنهن جا اثر اڄ تائين محسوس ڪيا وڃن ٿا سنڌ جي مظلوم شهيدن جي اولاد تي لازم آهي ته هو انهن مصنوعي تقدسن کي سڃاڻن ۽ پنهنجي حقيقي تاريخي ورثي ۽ شهيدن جي قربانين کي ياد رکن تاريخ ڪنهن به قوم جي رڳو مئل ماڻهن جو تذڪرو نه هوندي آهي پر اها زنده قومن جي شعور جو امانت نامو هوندي آهي جنهن جي رڳن ۾ ان قديم سنڌ ۽ ماٿر جي تهذيب جو رت وهي رهيو آهي جيڪا مهرگڙهه جي جبلن کان وٺي موهن جي دڙي جي ميدانن تائين ۽ هڙپا کان

وٺي دولاويرا گجرات تائين پکڙيل هئي اڄ ڪهڙي ڏک ۽ فخر سان هي سچ لکي رهيو آهيان اسان سڀ چاهي بروهي هجون يا سماٽ سنڌي اصل ۾ هڪ ئي تهذيب جا به رخ هئاسين اسان جون پاڙون هڪ هيون اسان جي سڃاڻپ هڪ هئي پر زماني جي گردش اسان کي رڳو نالن ۾ الڳ ڪيو روح ۾ اسين اڄ به هڪ آهيون سنڌ جي تاريخ جو سڀ کان روشن باب سمن جو دور هو جنهن جو مرڪز ڄام نظام الدين ڄام ننڊو هو هي اهو دور هيو جڏهن سنڌي ماڻهو پنهنجي ڌرتي جا پاڻ مالڪ هئا پر افسوس 1520ع جو موڙ سنڌ جي قسمت مٽائي ويو مهدويت جي نالي تي جيڪو مذهبي فتنو آيو تنهن رڳو تلوار سان نه پر نظرياتي غداري سان به سنڌ جي سيني ۾ ڇرو هنيو ميران محمد جونپوري جي بيعت ڪندڙن ۽ مهدوي لٽيرن سنڌ جي شهرن کي رت سان رنگيو سنڌي نسل ڪشي ڪئي جتي تاريخ اسان کي سنڌين جي مظلوميت جا داستان ٻڌائي ٿي اتي ئي منهنجي دل ان وقت خوشي سان پرجي وڃي ٿي جڏهن مان خان قلات نوري نصير خان بروهي جو ذڪر پڙهان ٿو نوري نصير خان اهو غيور حڪمران هو جنهن پنهنجي علائقن مان مهدوين جي طاقت جو خاتمو ڪيو جڏهن لسٻيلي جي سنڌين جو لشڪر سندس مدد لاءِ پهتو تڏهن هن ان لشڪر کي تربت موڪلي ذڪري مهدويت جي فتني واري رياست جون پاڙون مڪمل طور پٽي ڇڏيون اهو بروهي ۽ سماٽ سنڌي اتحاد جو اهو مثال آهي جيڪو ثابت ڪري ٿو ته اسان جو رت هڪ آهي اسان جا دشمن به هڪ آهن سڃاڻپ جو خطرو به هڪ ئي آهي اڄ جي سڀ کان وڏي ستم ظريفي اها آهي ته سنڌ جي مٽي تي قبضو ڪندڙ مهدوي لٽيرن جون قبرون ته روشن آهن انهن جا نالا زنده رکيا ويا آهن پر سنڌ جو پنهنجو سچو سنڌي بادشاهه ڄام ننڊو اڄ پنهنجي ئي وطن ۾ گمنام بڻايو ويو آهي ڇا اها اسان جي قومي بي حسي نه آهي جو سنڌ جي ايڏي وڏي حڪمران جي نالي تي نه ڪو شهر آهي نه ڪو وڏو ادارو نه ئي ڪو مشهور ماڳ نه ڪا يونيورسٽي؟ ڇو اسان جي قومي حافظي مان ڄام ننڊو کي ميسارڻ جي منظم ڪوشش ڪئي وئي ؟ سچ اهو آهي ته 1520ع کان پوءِ سنڌ جي ڌرتي تي حقيقي معني ۾ سنڌين جي پنهنجي حڪمراني ختم ٿي وئي ارغون ترخان ۽ مهدوي لٽيرن جي فڪري وارثن جو مقصد سنڌ جي تاريخ کي مسخ ڪرڻ ۽ سنڌين کي پنهنجي ئي ڌرتي تي بيگانو بڻائڻ هو ادبي ادارن جي نالي تي تحريف ڪندڙ هجن يا مڪلي جي آثارن کي مٽائيندڙ اهي سڀ ان جي سازش جو حصو آهن

چام نندو رڳو هڪ بادشاهه نه هيو پر سنڌ جي قومي وقار جو آخري قلعو پڻ هيو اڄ اسان کي فڪري جذبي سان پنهنجي تاريخ جو پلاند ڪرڻو پوندو اسان کي انهن تحريفن کي وائکو ڪرڻو پوندو جيڪي گذريل صدي جي ڪجهه محققن تحقيق جي نالي ۾ اسان تي مڙهيون آهن ان سلسلي ۾ بهترين تحقيق ڪندڙ درس ڏيندڙ بلالي سٿ کي سلام پيش ڪريان ٿو خاص طور تي چام ارمان پليجو تاجاڻي صاحب جن جي حوصلي جو داد ڏيان ٿو جيڪي تاريخ جي پابندي سان لڪيل سچايون عيان ڪرڻ جي ڪوشش هر ڏکي حالتن ۾ جاري رکندا اچن ٿا.

سيد محمد جونپوري شير شهباز قلندر ميرهندي جو ڪٺل بودلي کي پيهر جيئرو ڪرڻ-

جونپوريءَ حيدري ڏنڍي سان سيوهڻ جو قلعو اوندهو ڪيو سڪندر بودلو جيڪو ميران قلندر جونپوري جي بودلن (ويڙهاڪن) مان هڪ هيو- جنهن کي هڪ انڙ (انود) ڪاسائيء ڪهي گوشت ۾ هلايو (کپايو) ۽ پوءِ وري قلندر جونپوريء جي سڏ تي ديگڙين مان رڌل بوٽيون نڪري ڊوڙي اچي سامهون حاضر ٿيون، جتي بودلو پيهر زنده ٿي بيٺو ۽ چيائين حاضر سائين🙏 هيء روايت هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جيڪا عقيدت جي رنگ ۾ بيان ڪئي وڃي ٿي پر جڏهن ان کي حقيقت يا تاريخ طور ڏٺو وڃي ٿو ته ڪيترائي سنجيده سوال پيدا ٿين ٿا- ته ڪاسائيء هڪ انسان کي ڪهي گوشت ۾ ملائي کپايو- پوءِ وري ان رڌل ڪجھ ڪاڌل حالت مان نڪري پيهر زنده ٿي بيهڻ اهو تصور فطري قانون عقل ۽ مشاهدي جي بلڪل ابتڙ آهي- جيڪڏهن اهڙو واقعو حقيقت ۾ پيش آيو هجي ها ته پوءِ اهو صرف هڪ علائقائي روايت نه رهي ها پر ان جا مضبوط ۽ مسلسل تاريخي حوالا موجود هجن ها- تاريخ هميشه دليل شاهد ۽ تسلسل تي بيٺل هوندي آهي جڏهن تہ اهڙي قسم جي بيانن ۾ اهي بنيادي عنصر نظر نٿا اچن- اهو به غور طلب آهي ته وقت سان گڏ لوڪ روايتون وڌنديون بدلجنديون ۽ مبالغي سان پرجي ويندڀون آهن- هڪ سادي ڳالھ آهستي آهستي اهڙي صورت اختيار ڪري وٺي ٿي جيڪا حقيقت کان وڌيڪ ڪهاڻي بڻجي وڃي ٿي-

⚖️ حقيقي نقطا

لوڪ ڪهاڻي ۽ تاريخي حقيقت ۾ فرق رکڻ ضروري آهي

هر غير معمولي ڳالهه سچ نه هوندي آهي

دليل شاهد ۽ تحقيق کان سواءِ ڪا به دعويٰ معتبر نٿي بڻجي۔

روحانيت جو مقصد انسان جي اصلاح آهي نه فطرت جي ابتڙ قصا۔

🔥 سخت جملا

اهڙين ڳالهين کي بنا تحقيق قبول ڪرڻ عقل سان ناانصافي آهي۔
دين يا روحانيت کي اهڙن واقعن سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش اصل تعليم کي ڪمزور ڪري ٿي۔ جيڪو فڪر دليل بدران ڪهاڻين تي بيٺو هجي اهو سنجيده تحقيق جي معيار تي پورو نٿو لهي سگهي۔

✨ نتيجو

اهڙي قسم جي روايتن کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته انسان عقيدت سان گڏ عقل کي به استعمال ڪري. سچ کي سڃاڻڻ لاءِ هر ڳالهه کي دليل تاريخ ۽ فطري اصولن جي بنياد تي پرکڻ گهرجي. صرف ٻڌل ڳالهين تي ڀروسو ڪرڻ بدران تحقيق ڪرڻ ئي صحيح رستو آهي.

📚 حوالو

هي تجزيو عقلي اصولن تاريخي تحقيق جي بنيادي طريقن ۽ لوڪ روايتن جي تنقيدي جائزي تي ٻڌل آهي جنهن جو مقصد پڙهندڙ کي حقيقت ۽ افساني ۾ فرق سمجهائڻ آهي.

سيد محمد جونپوري هڪ تاريخي جائزو

اسلامي تاريخ ۾ مهدويت جو تصور هڪ اهم مذهبي عقيدو رهيو آهي جنهن موجب آخري زماني ۾ حضرت مهدي ظاهر ٿيندو ۽ دنيا ۾ عدل ۽ انصاف قائم ڪندو. هن عقيدي جي بنياد تي مختلف دورن ۾ ڪيترن ئي ماڻهن مهدويت جي دعوي پڻ ڪئي. انهن مان هڪ مشهور شخص سيد محمد جونپوري هو جنهن جو تعلق هندستان جي شهر جونپور سان هو سيد محمد جونپوري جو جنم (1443ع) ۾ جونپور ۾ ٿيو ننڍپڻ کان ئي هو علم زهد ۽ عبادت ڏانهن مائل هيو. روايتن موجب هن ننڍي عمر ۾ قرآن حفظ ڪيو ۽ ديني علمن ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي. بعد ۾ هن چشتيه طريقي سان وابستگي اختيار ڪئي ۽ زاهدانه زندگي گذارڻ لڳو. وقت سان گڏ سيد محمد جونپوري روحاني اثر ۽ وعظن جي ڪري مشهور ٿيو. هن هندستان جي مختلف علائقن جهڙوڪ مالوه گجرات ۽ ٻين شهرن جو سفر ڪيو ۽ پنهنجن خيالن جي تبليغ ڪندو رهيو. ڪجهه عرصي بعد هن پاڻ کي مهدي هجڻ جي دعوي پيش ڪئي جنهن سبب سندس پيروڪار وڌڻ لڳا پر ساڳئي وقت ڪيترن ديني عالمن ۽ حڪمرانن طرفان مخالفت پڻ شروع ٿي وئي هن جي دعوي سبب ڪيترن علائقن ۾ تڪرار پيدا ٿيا گجرات ۽ ٻين شهرن مان مخالفت جي ڪري کيس ڪڍيو ويو. بعد ۾ هو سنڌ پوءِ قندهار ۽ آخرڪار افغانستان جي فراه علائقي تائين پهتو جتي کيس ڪجهه حاڪمن ۽ ماڻهن جي همدردي حاصل ٿي. فراه جي حڪمران امير ذوالنون سندس خيالن بابت مناظرا ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ته جيئن سندس دعوائن جي جاچ ٿي سگهي. سيد محمد جونپوري پنهنجي

آخري ڏينهن فراه ۾ گذاريا جتي ڪجهه پراڻي تاريخ موجب 1505ع ۾ سندس وفات ٿي. سندس مزار يا تڪيو اڄ به افغانستان جي فراه صوبي جي ڪرجي علائقي ۾ موجود ٻڌايو وڃي ٿو بعد ۾ ان جي لاش وارو تابوت علي شيرازي افغانستان مان ڪڍائي اچي تربت بلوچستان ۾ دفن ڪيو ۽ پوءِ وري اتان به لاش وارو تابوت ڪڍرائي اچي ڳاهه حويلي سيوهڻ ۾ دفن ڪيو. سندس وفات کان پوءِ سندس پيروڪار هڪ منظم تحريڪ جي صورت ۾ موجود رهيا جن کي مهدوي سڏيو ويو. انهن پنهنجي الڳ جماعتون (دائرا) قائم ڪيا ۽ پنهنجن عقيدن تي قائم رهيا جيتوڻيڪ انهن کي ڪيترين سياسي ۽ مذهبي مخالفتن کي منهن ڏيڻو پيو تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪيترائي اسلامي عالم سيد محمد جونپوري (المعروف حضرت لال شهباز قلندر عثمان مروندي افغاني) کي مهدويت جو باطل مدعي قرار ڏيندا هئا جڏهن ته ڪجهه مورخ سندس زهد تقوي ۽ صداقت جي پڻ واکاڻ ڪندا رهيا. اهڙيءَ طرح هو اسلامي تاريخ ۾ هڪ متنازع مگر اهم شخصيت طور ياد ڪيو وڃي ٿو جنهن جي تحريڪ مڪمل طور ختم نه ٿي پر وقت سان گڏ ڪمزور ٿيندي وئي ۽ قلندري رنگ ۾ ڍلجي نئين سڃاڻپ ۾ تبديل ٿي وئي. انهيءَ ريت سيد محمد جونپوري جو واقعو رڳو هڪ فرد جي دعوي نه پر اسلامي فڪر تصوف سياست ۽ سماجي حالتن جي پيچيده تاريخي پس منظر سان جڙيل هڪ اهم باب طور ڏٺو وڃي ٿو جيڪو اڄ به تاريخي تحقيق ۽ بحث جو موضوع آهي

پونمتي (پونمتي)



جيئن ته قلندر پٺاڻ نسل جو هيو ۽ منگول ارغون قوتن جو اڳواٽ ايجنٽ طور ڪم ڪندو رهيو. اصل ۾ هو پارت جي شهر جونپور (گجرات) ۾ 1443ع ڌاري پيدا ٿيو. هن جي ايندڙ نسلن قلندري رنگ ۾ سندس اصل سڃاڻپ لڪائي ڇڏي پر تاريخي حوالا ٻڌائن ٿا ته سندس اچڻ جو مقصد سنڌ جي مڪامي روحانيت کي پست ڪرڻ ۽ سياسي قبضي جي راه هموار ڪرڻ هيو. سيوهڻ ۾ جنهن شخص کي اڄ قلندر جي نالي سان پيش ڪيو وڃي ٿو ۽ جنهن کي عام عقيدت ۾ پاڪ مجرد (ڇڙو) ۽ ماورائي ٻڌايو ويو آهي اهو تصور تاريخي ۽ سماجي حقيقتن سان ميل نٿو کائي. سيد محمد مهدي جونپوري جنهن کي سيد محمد ميران شاه مير هنديء منجهان مرونديءِ ۽ آخرڪار قلندر ٻڌايو ويو. سيد محمد جونپوري نه ڪو روايتي درويش هيو نه ڪا سندس نسبت حضرت محمد صلي الله عليه وسلم سان ملي ٿي. قلندر شهباز نه ئي ڪا غير سياسي روحاني هستي هيو. مهديت جي دعويٰ ڪندڙ تحريڪ جو اڳواڻ هيو. جنهن جو ڍانچو مقصد ۽ طريقو مذهبيء کان وڌيڪ سياسي قبضي وارو ۽ طاقت تي ٻڌل هيو. اهڙي شخصيت کي صديون پوءِ سيوهڻ جي لوڪ ڌرم ريتن ۽ رسمن ۾ ديو مالائي شڪل ڏئي هميشه مجرد ڇڙو بي نياز ثابت ڪرڻ تاريخي سچ کي ڍڪڻ جي هڪ منظم ڪوشش ڪئي وئي. ان دعويٰ جي سڀ کان وڏي ترديد سيوهڻ جي اها زنده رسم آهي جنهن ۾ هر سال قلندر جي عرس تي هندو برادريءَ مان هڪ نئين ڇوڪري رسمي طور قلندر سان پرڻائي وڃي ٿي. جيڪڏهن قلندر واقعي سڄي عمر مجرد رهيو نه شادي ڪئي نه عورت سان لاڳاپو رکيو ته پوءِ هي رسم آخر ڪٿان آئي؟ اهو سوال رڳو مذهبي ناهي اهو تاريخي سماجي ۽ سياسي سوال پڻ آهي. جڏهن ته لعل شهباز قلندر پهنجي مهدويت جي تبليغ دوران ڪجھ وقت سيوهڻ ۾ به رهيو. سيوهڻ ۾ رهڻ دوران پونمتي نالي هڪ هندو ناري سان شادي پڻ ڪئي هئي. جڏهن ته سندس

پوئلڳ يا مريد قلندر کي مجرد يا ڇڙو ثابت ڪندا اچن ٿا. پونمتي جي ڪهاڻي ڪو اتفاقي لوڪ قصو ناهي هي ڪهاڻي ان دور جي نشاندهي ڪري ٿي جڏهن مهديت جي تحريڪ سيوهڻ جهڙي گهڻ ڌرمي سماج ۾ پنهنجي جاءِ ناهڻ لاءِ مقامي عورت مقامي رسم ۽ مقامي عقيدي کي استعمال ڪيو. پونمتي جي نسبت اصل ۾ قلندر کي سنڌ ڌرتيءَ سان وڏائڻ جي ڪوشش هئي. ته جيئن هو ٻاهريون اجنبي ۽ ڌار شخص نه لڳي پر ڌرتيءَ جو گهوٽ بڻجي وڃي. هي رسم نه قلندر جي پاڪيزگيءَ جو ثبوت آهي نه سندس مجرد ڇڙي هجڻ جي علامت آهي هي رسم مذهبي طاقت کي لوڪ ڌرم ۾ جذب ڪرڻ جو اوزار آهي. هندو ڇوڪريءَ سان شاديءَ جو ڊرامو اصل ۾ هندو سماج کي ان درگاه سان نفسياتي ۽ مذهبي طور ڳنڍڻ لاءِ هو ته جيئن سوال نه پڇيا وڃن قبضي کي قبول ڪيو وڃي ۽ ڌرتيءَ تي نئون مذهبي مرڪز بغير مزاحمت جي قائم ٿي سگهي. اهو به اتفاق ناهي ته قلندر جي قبر عرس رسمون ۽ ميلا علم فڪر يا اخلاقي اصلاح بدران نشو فحاشي بيهوشي ۽ بي خبريءَ سان ڳنڍيل آهن اهو به اتفاق ناهي ته پرڻائڻ جهڙي رسم عورت کي علامت بڻائي پر ان جي آواز شعور يا مرضي کي ڪٿي به جاءِ نٿي ملي. هي سڀ ڪجھ روحانيت نه پر سماجي ڪنٽرول جو طريقو آهي. تنهنڪري قلندر کي مجرد ثابت ڪرڻ ۽ ساڳي وقت هر سال نئين ڇوڪريءَ کي هن سان پرڻائڻ هڪ کليل تضاد آهي. هي تضاد ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته قلندر جي ڇوڏاري ٺاهيل ڪهاڻي حقيقت نه پر طاقت عقيدت ۽ سياست جو ٺهيل ڍانچو آهي. سيوهڻ ۾ قلندر نه صرف هڪ شخص رهيو آهي پر هڪ علامت بڻايو ويو آهي اهڙي علامت جنهن جي نالي تي سوال بند عقل معطل تاريخ دفن ڪئي وئي آهي. پونمتي جي رسم اصل ۾ ان دفن ڪيل تاريخ جو جيئرو ثبوت آهي.

📚 ڪتاب :

لعل شهباز قلندر مير هندي

سنڌ جي اصل تاريخ ۽ حقيقت

✍️📖 ليکڪ

چام ارمان پليجو تاجاڻي

Copyright

License

Contact

Email:📧
saleemsamoo786@gmail.com

Back Cover Words

هي ڪتاب لال شهباز قلندر سيد محمد جونپوري مير هندي سان لاڳاپيل تاريخي ۽ روايتي بيانن جو هڪ تنقيدي جائزو پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ عقيدت ۽ تاريخ جي وچ ۾ فرق کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هن ۾ انهن شخصيتن بابت مروج روايتن کي صرف بيان ڪرڻ تائين محدود نه رکيو ويو آهي، پر انهن کي پرکڻ ۽ سمجهڻ لاءِ فڪري ۽ علمي انداز اختيار ڪيو ويو آهي. ڪتاب پڙهندڙ کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو ته تاريخ کي ڪيئن پڙهڻ گهرجي ۽ ڪهڙي طرح روايتن کي بغير تحقيق جي قبول ڪرڻ علمي لحاظ کان مناسب ناهي. هي لکڻي نه رڳو ماضي کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي پر موجوده دور ۾ سچ ۽ بيان جي وچ ۾ فرق ڪرڻ لاءِ به هڪ رستو ڏيکاري ٿي. هي ڪتاب انهن سڀني لاءِ اهم آهي جيڪي تاريخ کي صرف روايت طور نه پر تحقيق ۽ شعور جي نگاهه سان ڏسڻ چاهين ٿا.